SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر. VIII، مجريه 1973

# SINDH ACT NO.VIII OF 1973

# سنڌ صنعتي واپاري ملڪيت تي رهتن جي وصولي وارو ايڪٽ، 1973

# THE SINDH INDUSTRIAL TRADING ESTATE RECOVERY OF DUES ACT, 1973

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
2. تعريفات
3. رهتن جو اعلان
4. قاعدا جوڙڻ جو اختيار
5. 1973 جي سنڌ آرڊيننس VII جي منسوخي

# سنڌ ايڪٽ نمبر. VIII، مجريہ 1973
# SINDH ACT NO.VIII OF 1973
# سنڌ صنعتي واپاري ملڪيت تي رهتن جي وصولي وارو ايڪٽ، 1973
# THE SINDH INDUSTRIAL TRADING ESTATE RECOVERY OF DUES ACT, 1973

[28 جون 1973]

ايڪٽ جيڪو حڪومت کي اهو اختيار مهيا ڪري ٿو تہ سنڌ جي صنعتي واپاري ملڪيتن وارين رهتن جي وصولي ڪري سگهجي.

تمهيد

ايڪٽ جيڪو حڪومت کي اهو اختيار مهيا ڪري ٿو تہ سنڌ جي صنعتي واپاري ملڪيتن وارين رهتن جي وصولي ڪري سگهجي.

جنهن کي هن ريت جوڙيو وڃي ٿو.

مختصر عنوان ۽ شروعات

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ صنعتي واپاري ملڪيت تي رهتن جي وصولي وارو ايڪٽ، 1973سڏيو ويندو.

(2) هن جو دائرو سڄي سنڌ صوبي ۾ هوندو.

(3) هي هڪدم نافذالعمل ٿيندو.

وصفون

2. هن ايڪٽ ۾ ڪن اهم لفظن ۽ اصطلاحن جون معنائون هن ريت ورتيون وينديون.

(a) ”باقيدار“، باقيدار جي معنيٰ اهو ماڻهو جنهن کان رهتون وٺڻيون آهن، سنڌ صنعتي، واپاري رياست ۾ ان سان گڏ اهو ماڻهو جيڪو ذميوار جيئن ضمانتي اهڙيون رهتون ادا ڪرڻ جو.

(b) ”گورنمينٽ“، معنيٰ گورنمينٽ آف سنڌ. ۽

(c) ”سنڌ صنعتي ٽريڊنگ اسٽيٽ“ معنيٰ سنڌ صنعتي ٽريڊنگ اسٽيٽ جيڪا گورنمينٽ ٺهراءُ نمبر 24۔

| | |
|---|---|
| 1_1,B/47 تاريخ 2 جون 1947 وجود ۾ آئي. | |
| 3. (1) گورنمينٽ نوٽيفڪيشن جي ذريعي ظاهر ڪندي تہ ڪي بہ حق يا حقن جا درجا جيڪي وصول جوڳا هوندا سي سنڌ صنعتي ٽريڊنگ اسٽيٽ باقيدارن کان وصول ڪندي جيڪيڏهن اهڙيون بقايائون زمين جي محصول يا ڍل جون هونديون. | رهتن جو اعلان |
| (2) اشتهار جي ڇپجڻ تي ذيلي دفعہ (1) جي تحت ڪو بہ حق يا بقايا وصول ٿيندي روينيو ريڪوري ايڪٽ 1890 (Act I of 1890) جيئن زمين جي محصول جون بقايائون. | |
| 4. گورنمينٽ قانون ٺاهي سگهي ٿي، انهن مقصدن لاءِ تہ هن قانون جي شرطن کي اثرائتو بڻايو وڃي. | قاعدا جوڙڻ جو اختيار |
| 5. سنڌ صنعتي ٽريڊنگ اسٽيٽ حقن جي وصوليءَ جو آرڊيننس، 1973 منسوخ ڪيو وڃي ٿو. | 1973 جي سنڌ آرڊيننس VII جي منسوخي |

**نوٽ:_ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**